# سفر زندگيءَ جو




صابر سنڌيلو

محترم قمر شهباز صاحب کي

تحفو -

[illegible] 9/6/87

فتاح ملاڻ

ڊپٽي

حيدرآباد

معرفت ڊاڪٽر امام الله سنڌي

پوسٽ آفيس چانڊڪا - C/o Post master

ميڊيڪل ڪاليج

لاڙڪاڻو

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

# سفر زندگي جو

(عبدالڪريم گدائي جي صحافتي، ادبي، سماجي ۽ سياسي خدمتن جو جائزو)

غلام نبي صابر سڏايو

ڇپائيندڙ
عبدالڪريم گدائي فائونڊيشن (سگا) جيڪب آباد شاخ

(ليکڪ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ)

ڪتاب:- سفر زندگي جو

ليکڪ:- غلام نبي صابر سنائيو

ڇاپو:- پهريون اپريل ۱۹۸۵ع

ڇپائيندڙ:- فتاح عابد ياران عبدالڪريم گدائي
فائونڊيشن (سگا) جيڪب آباد شاخ.

تعداد:- هڪ هزار

قيمت:- 12-00 روپيه

ڪور ڊزائين:- آزاد لاشاري (ممتاز پرنٽنگ پريس سکر)

ڇپيندڙ:- سنڌ سجاڳ پرنٽنگ پريس جيڪب آباد

ملڻ جو پتو:- سنڌ گريجوئيٽس آفيس، پراڻي
ميونسپالٽي لڳ عبدالڪريم گدائي
لئبريري جيڪب آباد.

---

هي ڪتاب سنڌ سجاڳ پرنٽنگ پريس پراڻي ميونسپالٽي
نزد فائر برگيڊ جيڪب آباد ۾ ڇپيو ۽ فتاح عابد سيڪريٽري
سگا جيڪب آباد شاخ طرفان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

ارپيانئو پنهنجي جيون ساٿي بي بي عابده نبي کي جنهن زندگي جي هر وات تي محبتن جا گل ڏنا ۽ منهنجي جيون جي ڪئنواس تي، پيار جا رنگ ڪاشف نبي، آصف نبي ۽ خالده نبي عرف ٻوبي جي روپ ۾ ڀري؛ اوچتو ئي اوچتو زندگي جي چڙهواتي تان، آچر ڏينهن ۱۵– جولاءِ ۱۹۸۴ تي زوري هٿ ڇڏائي، ابدي آرامگاهه ڏانهن هلي وئي.

گلابي گلن ۾ نه رونق رتي،
ڦٽي ڦوڪ تي موج جا هئي متي.
ٿيو ڇهڇٽو ڇٽ، مٿو ماڪ آ،
ٻڪين ۾ ٻه ورلاپ جو راڳ آ.

(هڪ شاعر)

غلام نبي صابر سڏايو

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| ١- سيڪريٽري جي رپورٽ | فتاح عابد | |
| ٢- حقيقتن جو اعتراف | ڊاڪٽر غلام سرور سولنگي | |
| ٣- ٻـــ اکـــر | پروفيسر محمد علي سانگي | |
| ٤- امـــر شاعـر | ڊاڪٽر سليمان شيخ | |
| ٥- پنهنجي پاران | ليکڪ | |
| ٦- مهاڳ | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | |
| ٧- زندگي جو سفر | | ١ |
| ٨- صحافت، سماج ۽ صحافي | | ٧ |
| ٩- ضلعي صحافت جو تاريخي پس منظر | | ١٥ |
| ١٠- صحافت ۽ گدائي | | ٣٢ |
| ١١- گدائي هڪ اداريہ نويس | | ٤٢ |
| ١٢- گدائي هڪ فيچر نگار | | ٤٤ |
| ١٣- گدائي هڪ ڪالم نويس | | ٤٧ |
| ١٤- صحافت، ادب ۽ ثقافت | | ٤٩ |
| ١٥- گدائي هڪ عوامي شاعر ۽ انقلابي اديب | | ٥٤ |
| ١٦- آديسي اتي ويا | | ٨٣ |
| ١٧- پڇاڙي | | ٨٨ |
| ١٨- عالمن ۽ اديبن جا سنيها | | ٩١ |
| ١٩- سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جا عهديدار | | ٩٦ |
| ٢٠- مددي ڪتاب | | ٩٧ |
| ٢١- مصنف جا ڇپيل ڪتاب | | ٩٩ |
| ٢٢- پلنامو | | ١٠٠ |

مـــارن لـوئي لـڙون ليڙون
مير مـتـــن ۾ چوتــا چيڙون
پهنوارين جا پار، اڃا پيي سا ڳيا ڙي.
اڄ پيـــي پـائي لئہ پهــنواريون
ڪري هلن ٿيون ڪـونج قطارون
سرتين جا سينگار اڃان پيي سا ڳيا ڙي. (گدائي)

عوامي شاعر پنهنجي نقطء نظر جي تشريـح ڪهڙي نہ بهتر نموني ڪري احتجاج ۽ ظلم ڪـــي بہ Project ڪري وري ريتن ۽ رسمن کي بہ شاعري ۾ آندو آهي. جڏهن اظهار جي آزادي تي پابنديون ٿين ٿيون تڏهن بہ شاعر علامت نگاري جي آڙ ۾ اظهار ڪريٿو مثال طور:-

ڪيو نہ پـــڙڪ جـو آهي خلاف نظم چمن
ڪليء کي خون ڏسو، گل کـي تار تار ڏسو!
چمن ۾ شوخ نوائي جـو صلو دار و رسن،
خرد کـــي دنگ ڏسو، عـــدل شرمسار ڏسو.
(گدائي)

بهرحال امن، انقلاب ۽ عوامـــي سوچ هن شاعر ۾ پيڙه جي پٿر جي حيثيت رکي ٿي، ان گوندر گذاريو ڪاپـڙي ۽ قومي فرض ديانتداري! سان نڀائيندڙ فنڪار جي پيغام ماضي ۽ حال توڙي مستقبل جا فڪر ۽ ويچار آهن، جن لاء جيترو بہ فخر ڪجي ٿورو آهي.

ستم لاء صورت- فولاد بڻجو ـ وطن شيرين سندا فرهاد بڻجو
(گدائي)

هن ڪتاب ۾ اسين گدائي صاحب جي هر پهلو کـــي

ٻڌرو ڪري عوامي شخصيت سان انصاف ڪرڻ جي هلڪي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ان سلسلي ۾ ليکڪ جي نظر ۾ گدائي صاحب ڇا هئو اهو به عيان آهي، بهرحال هر ڪنهن جي اک جي نظاري جو فاصلو جدا جدا آهي، ان لاءِ ليکڪ جو فرض به محنت ۽ جس، لائق آهي.

هن ڪتاب جي تڪميل ۾ مددگارن، دوستن، سگا جي ميمبرن جو وڏو خلوص شامل آهي ۽ خلوص جي تعريف جا الفاظ هوندي به ڪونه هوندا آهن بهرحال انهن جو شڪريو ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي موجوده تمام عهديدارن خاص طرح ڊاڪٽر غلام سرور سولنگي صدر، برادرم رفيق سرڪي خزانچي جو تعاون نه وسارڻ جوڳو آهي. اميد ته ڪتاب موضوع جي مڙني معيارن تي پورو لهندو.

ڪير ڏسو جاني يار گدائي،
تنهنجي سورن پورن کي،
ديس جو درد پري جو پنهنجي،
ونجهلي منجهه وڃايون ويٺا!

ڊاڪٽر عابد لاشاري

جنرل سيڪريٽري

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جيڪب آباد

سفر زندگي جو ڪٺن هو گدائي
بهر طور گذريو گذاري ڇڏيوسين

آخر ۾ ساٿين ۽ نقادن لاءِ همت ڏيکاريندڙ دوستن جو شڪريو ادا نه ڪرڻ انهن سان ۽ خود پاڻ سان به ناانصافي ٿيندي، جن هن ڪتاب جي تڪميل ۾ پال پلايا.

جيڪب آباد
15-1-1985

ڊاڪٽر غلام سرور سولنگي
صدر
سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن
جيڪب آباد

# امر شاعر

زندگيءَ جو هي مختصر سفر انسان هر حال ۾ گذاريو ڇڏي، ڪو کلندي ڪو روئندي هليو وڃي. ڪي خوش نصيب اهڙا به آهن جيڪي حياتيءَ کي سڦل بنايو ڇڏين جن جي حياتي ٻين لاءِ ڏياٽي بنجي اونداهين کي رستي جو ڏس ڏئي ٿي.

شاعر تاريخ جا اهي اهم ڪردار آهن جيڪي هر دور ۾ جيئرا ٿي رهيا آهن. سندن ڪوٺائن کي انسان صدين تائين هنيئن سان هنڊايو. لطيف سائين اٽڪل ٣ صديون اڳ جنم ورتو پر اڄ به ائين ٿو لڳي جيئن تازوئي اسان لاءِ ڪو نئون نياپو موڪليو اٿائين. سچ ته اهو آهي جيڪو به پنهنجي ماڻهوءَ ۽ معاشري لاءِ پنهنجي صلاحيتن کي وقف ڪري ٿو ته انساني تاريخ ۾ هميشه لاءِ محبت ماڻي ٿو.

مشڪل ۾ پڇن ساٿي، ڪم نا هي وريامن جو،
هي ظلم و ستم سهڻ، دستور ايامن جو،
ڪنڌن ۾ رهي همدم، گهر خور نه دامن جو،
ظلم جي مقابل ٿي، ڪنڌن سان وڃڻ ساٿي،
ڇو دور هلون ساٿي؟

هر ڏک، تڪليف، ڪشالي ۽ مصيبت کي همت سان منهن ڏيڻ پر پنهنجي مسڪن، ڳوٺ، واهڻ کي نه ڇڏڻ جو اٽوٽ ويساهه شاعر کي امر بنائي ڇڏي ٿو. هر ماڻهوءَ وٽ ساڳئي حساس، نازڪ سچي دل ڪونهي. بيحد ذهين ۽ حساس، نيڪ دل وقت کان گهڻو اڳ سوچ رکندڙ چند انسان هر دور ۾ پيدا ٿيندا آهن جيڪي حيات آفرين شاعري ۽ پيغام تخليق ڪندا آهن.

(س)

ماڻهو ان مان سنئون ڏکيا وٺي سگهندا جنهن وسيلي هن ڌرتيءَ
تي امن ۽ انصاف جو دور موٽي ايندو.

نيٺ گدائي پارڻ پرندا
انسانن جا وارا ورندا،
ڪنڌن مان ڏي قول ايرندا،
ظالم سڙندا، ڪرندا مرندا،
ماڻهو ٿيندا شاد - دنيا ۾ نيٺ ته ٿيندو داد.

ڪراچي
١٥-٣-١٩٨٥ع

ڊاڪٽر سليمان شيخ

# پنهنجي پاران

سنہ ١٩٨٢ ۾ ايم-اي صحافت (فائنل) لاءِ مقالو لکڻ لاءِ موضوع منتخب ڪرڻو هو. مقالي لکڻ لاءِ جيڪب آباد ضلعي جون ڪيترين اهم شخصيتون منهنجي آڏو ڦرڻ لڳيون، جن مان مرحوم عبدالڪريم گدائي، مرحوم غالب لطيف، مرحوم نبي بخش لالا مٺا، مرحوم رشيد احمد لاشاري، محترم فيض بخشاپوري، محترم برڪت علي آزاد ۽ محترم شعبان بخت جا نالا خاص اهميت جا حامل هئا.

موضوع جي لحاظ کان منهنجي نگاهه جو مرڪز مرحوم عبدالڪريم گدائي جي شخصيت بڻي، ان جو خاص سبب گدائي مرحوم جي مقناطيسي شخصيت ۽ سنڌي ادب لاءِ سندس ڪاوشون هيون. هن سان منهنجون تمام گهڻيون رهاڻيون پڻ ٿيون هيون. مرحوم مونکي ٻه پنهنجي پٽ فتاح عابد جيان ڀائيندو هو. سندس صحبتن جي ڪري منهنجي ادبي ذوق ۾ ڪافي واڌارو ٿيو. مون گدائي صاحب جي ذهني پورهئي، پختن اصولن ۽ انسانيت سان محبت کي ڏسندي، سندس خدمتن تي لکڻ جو فيصلو ڪيو.

گدائي مرحوم جي سياسي، ادبي، سماجي ۽ صحافتي خدمتن تي هن وقت تائين ڪو جامع ڪتاب ڪونه لکيو ويو آهي، ان ڪمي کي پورو ڪندي، مون ان مقالي کي بنياد بڻائي، هي ڪتاب سندس زندگي جي مختلف پهلوئن کي سمجهڻ ۽ پرجهڻ لاءِ ادبي پارکن آڏو پيش ڪرڻ جي همت ڪريان ٿو. آءٌ هن ڪتاب لکڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهيان، ان جو فيصلو پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا.

جن دوستن ۽ عالمن منهنجي همت افزائي ۽ مدد ڪئي آهي، انهن ڪـي ياد نه ڪرڻ احسان فـــراموشي جي مترادف ليکيو ويندو. مان پنهنجي استاد محترم خان محمد پهنور، محترم پروفيسر محمد علي سانگي، محترم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، محترم ڊاڪٽر الهداد بوهيو، محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ، محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق، محترم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، محترم اي.اي ابڙو، محترم فتاح عابد، محترم ڊاڪٽر غلام سرور سولنگي، محترم برڪت علي آزاد، محترم داد محمد خادم بروهي، محترم اشرف ڪهاوڙ، نذير شهزاد، رفيق سرڪي، ڊاڪٽر واحد بخش لغاري ۽ الطاف گـوهر جو شڪرگـــذار آهيان جن مـونکي وقت بوقت ڪتاب کي بهتر بنائڻ لاءِ مشورو ڏنو آهي. پريس جي عملي جي تعاون کي به وساري نٿو سگهجي.

جيڪب آباد
۱۷-۳-۱۹۸۵

**غلام نبي صابر سڏايو**

ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون، هو وڏو نقاد هو ۽ عروضي فن جو تمام وڏو ڄاڻو هو. هو پنهنجي زندگي جا واقعا به ڪڏهن ڪڏهن ٻڌائيندو هو. هن ڪجهه وقت جيڪب آباد ۾ گذاريو هو. ان دور جون يادون ٻڌائيندو هو ته گدائي مرحوم جو ذڪر به ڪندو هو. هو سندس شاعري کي به ساراهيندو هو ته سندس ذاتي خوبيون ۽ خصوصيتون به بيان ڪندو هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ مون جڏهن گدائي مرحوم جو ڪتاب ”خانگڙه کان جيڪب آباد تائين“ پڙهيو ته ان ۾ سونکي گدائي مرحوم ۽ حافظ اوحدي مرحوم جي تعلقات جو ذڪر نظر آيو. ان ۾ گدائي مرحوم، حافظ اوحدي مرحوم جي شاعري جي تعريف ڪئي آهي.

گدائي مرحوم بنيادي طرح عروضي شاعر هو، ۽ سندس شاعري جي شروعات به ان وقت ۾ ٿي، جڏهن سنڌ ۾ مشاعرن ۽ بزم مشاعرن جو قيام ترقي ڪري رهيو هو. ڪنڊ ڪڙڇ ۾ بزم مشاعرا قائم ٿي رهيا هئا ۽ شاعر طرحي مشاعرن ۾ حصو وٺي رهيا هئا. سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڪليات بشير مرتب ڪرڻ وقت، ان سلسلي جون ڪيتريون ڳالهيون سامهون آيون. جيڪب آباد ضلعي ۾ سڀ کان پهريائين ۱۹۲۲ع قادر بخش بشير مرحوم ۽ گدائي مرحوم جي ڪوشش سان ميرپور برڙي تعلقي ٺل ۾ بزم مشاعرو قائم ٿيو. گدائي مرحوم به انهن ڏينهن ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ رهائش پذير هو. ان بزم جي طرفان پندرهن روزه مشاعره منعقد ٿيندا هئا جنهن ۾ گدائي مرحوم ۽ ٻيا تر جا شاعر پنهنجو شعر پڙهندا هئا. ۱۳ مئي تي جيڪو مشاعرو ٿيو ان جي مصرع طرح هئي.



زبان بند هجي جو قلم ذڪر ڏوتا،
عزيزو پيٽ جو اهڙو نه ڪو غلام ٿئي.
اسانجي نند نياڻي چمن ڪيو ويران،
اسين اڃون ته بهارن جو انتظام ٿئي.

(سنڌ جو عوامي شاعر، اديب ۽ صحافي)
عبدالڪريم گدائي

# سفر زندگيءَ جو

اگر بخت بگڙيو سنواري ڇڏيوسين
سڄو وقت کلندي گذاري ڇڏيوسين

نه واڌجي رکيوسين شراب- محبت
پياسو جي آيو پياري ڇڏيوسين

سمايو جڏهن درد- انسان دل ۾
غم- عشق جانان وساري ڇڏيوسين

وڙهي ڏيز طوفان ۽ موجن سان همدم
وڃي نيٺ ٻيڙو ڪناري ڇڏيوسين

مري دل جي مڪڙي ويئي ته ڇا غم
وطن جو ته گلشن سنواري ڇڏيوسين

سفر زندگي جو ڪٽن هو گدائي
ٻهر طور گذريو گذاري ڇڏيوسين

عبدالڪريم گدائي

جنھن ۾ سنڌس ادبي ۽ ثقافتي خوبين ۽ خصوصيتن کـي به نروار ڪيو اٿس، تہ سنڌس شاعري جـو بـہ جائزو پيش ڪيو اٿس. گدائي مرحوم جي ذات ۾ ڪيتريون ئي خوبيون هيون ۽ سنڌس ادبي ۽ صحافتي خدمتن جا بـہ مختلف پهلو آهن. سڏائي صاحب نهايت جامعيت سان هرهڪ پهلو پـوري طرح نمايان ڪري هن ڪتاب ۾ اسان جـي سامهون آنـدو آهي. هن سنڌس صحافتي خدمتن کـي نروار ڪرڻ لاءِ ان دور جي صحافت جو تاريخي پس منظر بہ ڏنو آهي. اهڙي طرح گـدائي مرحوم جون صحافتي خدمتون ۽ اخباري تحريرن جـو اسلوب بيان نروار ڪيو اٿس، جيڪو منفرد بہ آهي تہ ادبـي خوبين سان مزين بہ آهي.

گدائي مرحوم جي شاعرانہ خوبين تـي بـہ نهايت سهڻي نموني روشني وڌي اٿس، ۽ مثالن ذريعـي سنڌس منفـرد انداز بيان چٽو ڪري ٻيهاريو اٿس. مطلب تہ گـدائي مـرحوم جي زندگي، فن، فڪر ۽ مقصديت کي مختصر مگـر جامع نموني بيان ڪيو اٿس. اميد تہ هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ واڌاري جو باعث بڻجندو ۽ ادبي حلقن ۾ مقبوليت حاصل ڪندو.

شڪارپور

٣-٣-١٩٨٥ع

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# ندگيءَ جو سفر.........

عبدالڪريم گدائي، لاشاري خاندان جو فرد هو. سندس وڏا
ب شورڻ ضلع ڪڇي بلوچستان جا هئا، جي پوءِ پنجاب جي
مي ليہ ۾ رهيا ۽ پوءِ هڪ فرد جي نقل مڪاني ڪرڻ سان
ندان جي واڌ سنڌ جي ضلعي جيڪب آباد ۾ ٿي. سندن اصلي
جو سرائڪي آهي، پر سندس گهر ۾ معياري سنڌي ڳالهائي
ي ٿي. هيٺين موجب سندن شجره نسب دستياب ٿيو آهي:

سندن والد بجار خان پٽ محمود خان پٽ نهال خان.

گدائي صاحب جا وڏا جيڪب آباد ضلعي جي ڳوٺ
ريم آباد تعلقي ٺل ۾ اچي رهيا. هو سال ۱۹۰۱ع ۾ ڳوٺ
رحسن خان کوسي ۾ پيدا ٿيو. گدائي صاحب جو والد ميرحسن
ن کوسي جو ڪمدار هو. سندس ولادت بعد پڻس ڳوٺ ڇڏي
ي ٺل شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. جتي سنت ڏني کيس
ٺيارڪار جي آفيس ۾ پٽيوالي جي نوڪري ملي.

گدائي صاحب کي هڪ ڀاءُ ۽ ٻه ڀينر هيون، سندس وڏو
جندو خان ۱۹۳۴ع ۾ انتقال ڪيو. سندس ٻئي ڀينرون ٻه
ٿي چڪيون آهن. گدائي جي والد سنه ۱۹۴۴ع ۾ وفات
ئي ۽ والده پڻس کان ڏهه پنج سال اڳ فوت ٿي ويئي هئي.

جنهن دم خزان جي واءُ گهلي،
ٿيندو فنا هر گل کلي،
سڀ خاڪ ۾ ويندا ملي،

”اها هڪ حقيقت آهي ته گدائي سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ ٥٠ سال سچائي ۽ خلوص جي پليٽ فارم تان ترقي پسند سوچ جا ڪرڻا ڏنا.“(١)

آخر ٢٨ جنوري ١٩٧٨ع جي هڪ اونداهي ۽ خوفناڪ رات جو گدائي گذاري ويو، پر سندس ڪلام ۽ پيغام اڄ به امان لاءِ سچي گس جو ڏس ڏئي ٿو.

آ واٽ تي ڪاري پاٽ اگر، پر پنهنجي رت جو تيل ڏيئي،
هر موڙ مٿان آزاديءَ جي، هڪ مشعل ٻاري ويندا سين.“

☆

هڪڙن ساٿ سنباهيو، پهرين پار وڃن،
جهليان جهلي نه سگهان، رهيو ڪين رهن،
ٻرين شال ٻرڏيهه ۾، ڏکيو ڪين ڏسن،
تن وڙي ڏور هجن، ته به اوڏا پانيان ميرين.

---

(١) مضمون: از لطف علي بلوچ سلسلوار ڪتاب ”وندر ڀوڳڪار“
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪافي پبليڪيشن
ڪراچي- ص ٣٠

ڪيتري اهڙا واقعا ٿيا آهن، جيڪي اخبار وارن کوٽي ظاهر ڪيا آهن. مثلاً واٽر گيٽ اسڪينڊل وغيره.

صحافت کي هڪ طرف بنيادي فرض جو پورائو ڪرڻو آهي ته ٻئي طرف وري اخبار کي جيئري رکڻ لاءِ ڪي طريقا به ڳولڻا آهن. ان ڪري هڪ صحافي کي مواد جي انتخاب، ترتيب ۽ پيشڪش لاءِ پنهنجي اخبار جي پاليسي کي به سامهون رکڻو آهي. انهي ڪري ٿي هڪ صحافي لاءِ خبرن ۾ حقيقت پسندي برقرار رکڻ مشڪل مسئلو بڻجي پوندو آهي. اصولن ته حقيقت پسندي هر خبر ۾ موجود هجڻ گهرجي. انهيءَ موقعي تي هوشيار صحافي اعتدال واري راه اختيار ڪندا آهن.

اڄوڪو دور تهذيبن جي ٽڪراءُ وارو دور آهي. تهذيبون هڪ ٻئي سان ملي، هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿي رهيون آهن. انهيءَ ڪري ماڻهن جا ٻه به طبقا پيدا ٿي پيا آهن. هڪڙا قديم روايتن جا حامي ٿيا جدت پسند. تنهن ڪري هڪ سٺي ۽ ذهين صحافي جو هي به فرض هجڻ گهرجي ته هو اهڙو ماحول پيدا ڪري، جيئن ٻنهي طبقن ۾ هم آهنگي ۽ هم خيالي جي فضا برقرار رهي ۽ قدامت پسندي ۽ ترقي پسنديءَ جو ڪو جواز باقي نه رهي. اهڙي ريت هڪ سچار صحافي، مثالي معاشري جي تشڪيل ڪري سگهي ٿو.

☆

"ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي" انهيءَ اصول پٽاندڙ انساني ذهن به لکڻ لاءِ نوان نوان تجربا ڪرڻ ۽ نوان طريقا ڳولڻ ۾ ڪوشان رهيو. آخرڪار "مصرين نيل نديءَ جي ڪنارن تي پئدا ٿيل هڪ ٻوٽي جي پنن مان ڪاغذ جهڙي ڪا شيءِ ٺاهي. ان کي "پئپيرس" چوندا هئا، انهيءَ ٻوٽي مان لکڻ جو سڀ سامان مهيا ڪيو ويندو هو."(١)

هاڻوڪي لکڻ جي ڪاغذ جي ايجاد، پهرئين صدي ۾ "چينين" ڪئي. گڏيل هندستان ۾ پهريون ڪاغذ جو ڪارخانو "ڊاڪٽر وليم ڪئري" اٽڪل سوا صدي اڳ، ڪلڪتي لڳ 'هوگلي' ندي تي قائم ڪيو. ان بعد ملڪ ۾ ٻيا به ڪارخانا قائم ڪيا ويا.

پهرين عالمگير لڙائي ڪانپوءِ ملڪ ۾ ڪاغذ جي ڏاڍي کوٽ پئدا ٿي هئي، ان ڪري اخبارن ۽ رسالن پنهنجا پنا گهٽائي ڇڏيا هئا. ڪن اخبارن ۾ ته بلڪل سادو پنو استعمال ٿيڻ لڳو.(٢)

جيئن ته ڪاغذ پهرئين صدي عيسوي ۾ ايجاد ٿي چڪو هو، ان ڪري ماڻهن پنهنجا خيالات انهن تي محفوظ ڪرڻ لڳا. پر ڪتابن ۽ رسالن جي وڏي پئماني تي نشر ۽ اشاعت ڪرڻ لاءِ ڪاتب پورا پئجي نه ٿي سگهيا. ان ڪري انساني ذهن ڇپائي لاءِ ڪو نئون طريقو ڳولڻ شروع ڪيو.

جيتوڻيڪ ٽائيپ ذريعي ڇپائي جي فن جو اصل موجد، "گوٽنبرگ" هو. پر ١٤٧١ع ۾ "وليم ڪيڪسٽن" ڪنهن

---

(١) مضمون الله رکيو ٻٽ (نئون نياپو مئگزين) سنڌ ۾ ڪاغذ جي صنعت ص (٥٦)

(٢) هوت چند "ردي ڪاغذ جو ڏڪار" اخبار ڪليم جون ١٩٣٣ع ص ١١-١٥

۱۹۵۰ع ۾ مسٽر امام بخش نوناري مزدور ڪارڪن، هڪ هفتيوار ”ستاره سنڌ“ اخبار جاري ڪئي. جيڪا مسٽر نوناري جي وفات سال ۱۹۷۷ع تائين جاري رهي. هيءَ اخبار اتحاد پرنٽنگ پريس مان ڇپبي هئي. هن اخبار مشيني دور جي مزدورن جي رهنمائي ڪئي ۽ انهن جي حقن ڪي جائز نموني سان پيش ڪيو.

۱۹۵۱ع ڌاري هفتيوار ”صبح سنڌ“ برڪت علي آزاد جي ادارت هيٺ جاري ٿي، هيءَ اخبار آزاد پرنٽنگ پريس مان نڪرندي هئي. هيءَ اخبار هارين جي حقن ۽ سنڌ جي زميندارن جي ڏاڍاين خلاف ڪم ڪندي رهي، ۱۹۵۸ع جي مارشل لا دوران بند ٿي ويئي.

۱۹۵۳ع ۾ هڪ پندرهن روزه اخبار ”نقاد“ مسٽر غلام حسين سولنگي جي ادارت هيٺ جاري ٿي، هي اخبار ۱۹۵۸ع تائين باقاعدي نڪرندي رهي، مسٽر سولنگي جي مسلسل بيماري سبب بند ٿي ويئي.

۱۹۵۴ع ۾ محترم فيض الله فيض بخشاپوري هڪ اخبار هفتيوار ”مساوات“ جاري ڪئي. فيض بخشاپوري، سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ جو سٺو ڄاتو آهي. پاڻ مڃيل شاعر آهي. ڪيس ”شهنشاه تغزل“ ۽ ”غالب سنڌ“ به چوندا آهن. سندس اخبار هڪ طرف ادبي ۽ معياري سوچ جي حامل آهي ته ٻئي طرف علائقائي ۽ ملڪي مسئلن تي ٻڻ مناسب مضمون ڏيندي رهي ٿي. اتحاد پريس مان ڇپجي ٿي. هن جو ايڊيٽر مسٽر الياس پرويز هو. جو حال ئي ۾ ۱۹۸۴ع ۾ فوت ٿي ويو آهي. هن وقت ايڊيٽر مسٽر الله بخش سجاد سومرو آهي.

| | |
|---|---|
| عبدالله راجپوت | روزانہ نجات |
| نعيم شاه | جنگ ڪوئٽہ |
| علي شير آفريدي | زمانہ ڪوئٽہ |
| بابو محمد عمر | امن ڪراچي |
| هرپال داس | نواءِ انقلاب سکر |
| نذر عباس | روزانہ امروز ملتان، روزانہ مشرق ڪوئٽہ |
| لئيق ميان اچڪزئي | ” ڪليم سکر |
| ارشاد احمد شڪيب | ” نواءِ وقت ڪراچي |
| جمال الدين لانگاه | ” آفتاب حيدرآباد |
| ممتاز علي منگريو | ” حريت ڪراچي، پي-پي-آءِ |
| خورشيد احمد | ” انقلاب |
| خواجه اختر رشيد | ” جسارت ڪراچي |
| تهذيب الاسلام رضوي | پي-ٽي-وي نمائندو |
| محمد حنيف | روزانہ مغربي پاڪستان سکر |
| ارجن داس | ” يادگار سکر |
| داد محمد خادم | هفتيوار ايلم مستونگ |
| نعيم احمد | ” سنگم ڪراچي |
| عبدالرزاق ميمڻ | روزانہ مزدور ڪراچي |
| ذوالفقار علي بگٽي | ” نعره حق ڪوئٽہ |

جيئن تہ صحافت جا بنيادي مقصد آهن پڙهندڙن کي سيکارڻ، راءِ عامہ کي هموار ڪرڻ، سماجي برائين تي نظر رکڻ ۽ فردن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ.

انهن اصولن جي مدنظر ڏسندا سين تہ معلوم ٿيندو تہ ضلعي جيڪب آباد جي صحافين مٿين عائد ڪيل فرضن جي پورائي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي يا تساهل کان ڪم نہ ورتو

آهي. ان جي باوجود بہ هن فن کي وڌيڪ پائدار ۽ عوامي ڀلائي جي اصولن تي هلائڻ لاءِ ان ڳالھ جي سخت ضرورت آهي تہ هن ڪم ۾ اهي صاحب هٿ وجهن، جيڪي عوام جا هڏڏوڪي، تجربيڪار ۽ تعلم يافتہ هجن. ان سان گڏ آءٌ هيءُ مشورو ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو تہ خانگي ايجنسيون، مخير حضرات ۽ سرڪاري ڪارندن کي جڳائي تہ صحافين سان هر موڙ تي مڪمل تعاون جو مظاهرو ڪن ۽ انهن جي هر مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ اڳرا رهن. ائين ڪرڻ سان فن صحافت کي بہ هٿي ملندي ۽ صحافين کي پڻ علمي ۽ عملي (Feild work) ڪرڻ جي وڌيڪ سهوليت حاصل ٿيندي.

✶

ڪمال آ اديبو اوهان جي قلم جو،
عقابن سان اڏڪيو وڃي نيٺ ڳيرو!
پڻاڻيءَ جي ڏرتيءَ کي جنت بڻايو،
اڃا ٿوري همت جوانو، دليرو!
اجل ٿل، ”گداڻي“ اڳي ڪين ماري،
ڏسان ديس ۾ ڪوبہ سارو نہ ميرو!

# صحافت ۽ گدائي

سنڌ جي ادبي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اسان جي سنڌڙي ۾ ڪئين اديب ۽ شاعر، عالم ۽ داناءُ، سگهڙ، سالڪ، مصنف ۽ صحافي ٿي گذريا آهن جن جي صحبت توڙي لکت، ٻولي توڙي گفتا پنهنجي وقت جو آواز ۽ تحريڪ هئي، سندن خدمتن کي ويهي ويچاربو ته ڪيترا علمي نسخا تيار ڪري سگهجن ٿا.

جيڪب آباد جي تاريخ ۾ اهڙن ماڻهن کان خالي ڪينهي جن پنهنجي شهر توڙي ديس لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو. اهڙن ادب نواز انسانن ۽ عامل صحافين ۾ سرفهرست مرحوم عبدالڪريم گدائي جو نالو اچي ٿو.

جيتوڻيڪ گدائي صاحب عملي زندگي جي ابتدا هڪ اديب شاعر ۽ سياسي ڪارڪن جي حيثيت سان ٿي ٿي ۽ انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان وقت جي صاحب ذوق حضرات سان سندن ادبي ۽ سياسي ڪچهريون به ٿينديون هيون، پر ساڳئي وقت سندس لکڻين ۾ ادبي چاشني سان گڏ صحافتي رپورٽنگ به نظر اچي ٿي. سندس ڪاوشون ان وقت "فرنٽيئر گزيٽ" جيڪب آباد، "سنڌ زميندار" سکر، "صداقت" شڪارپور ۽ ماهوار "سنڌو" ميان جو ڳوٺ ۾ ڇپجنديون هيون.

گدائي صاحب جيئن ته ڪجهه وقت وڏيرن جي نوڪري به ڪئي هئي ۽ وڏيرن جي ظلم ۽ بيگار جو مشاهدو نهايت

ان بعد سال ١٩٦٨ع کان گدائي صاحب سارنگ اخبار ۾ ادارتي فرائض سرانجام ڏيڻ لڳو. گدائي صاحب جـــي پرمعني پرڪشش ۽ انقلابـــي منظوم ۽ نثري ڪاوش هفتيوار ســارنگ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، ان ڪـــري سارنگ جـــي مقبوليت ۾ پڻ اضافو اچي ويـــو.

سال ١٩٦٥ع کان گدائي صاحب روزانه ”عبرت“ جو ضلعي نمائندو ٿي ڪم ڪرڻ لڳو ۽ حياتي جي آخـــري ڏينهن يعني ١٩٧٨ع تائين ان فرض کي پـورو ڪندو رهيو.

سال ٧١–١٩٧٠ع ۾ گدائي صاحب جي اڻٿڪ ڪوشش سان جيڪب آباد ۾ ڊسٽرڪٽ يونين آف جرنلسٽ جـو بنياد وڌو ويو ان سان گڏ پريس ڪلب لاء پيچ ڊڪ ڪري عمارت پڻ ورتائين. هن ڪم ۾ ساڻس سات غالب لطيف جو هو. يونين جو پهريون صدر محترم غالب لطيف ٿيو ۽ نائب صدر محترم گدائي صاحب ٿيو. (حالانڪ چونڊن وقت غالب لطيف مارشل لا تحت هڪ سياسي ڪيس ۾ نظر بند هو.) ٻنهي جي سهڪار سان پريس ڪلب ۾ فرنيچر ۽ ضروري سامان سان گڏ عمارت جي مرمت جـو پڻ ڪم ڪرايو ويـو.

ان بعـــد تقريبن ســـال ٧٦–١٩٧٥ ۾ گدائي صاحـب ڊسٽرڪٽ يونين آف جرنلسٽ جو صدر متفق راء سان چونڊيو ويو. سندن ڪوشش سان جيڪب آباد جي صحافين ۾ ٻڌي ۽ ايڪي جو اتساه پيدا ٿيو. هن جو اصول هو ته صحافي معاشري جي بدن جي گردش ڪندڙ گرم خون جي حيثيت رکن ٿا. تنهن ڪري انهن ۾ سچ ڏيي، اعتماد سان گڏ پاڻ ۾ ٻـــڌي ۽ ايڪي واري فضا جو هجڻ به نهايت ضروري آهي. ان ڪري

افسوس جو اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر مسٽر عبدالقادر ابڙي ۽ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي طرفان پريس ڪلب ۾ ڪيل فيصلو جيڪو سال ١٩٧٨ ۾ ڪيو ويو ته مرحوم جي يونيئرن ڪي مستقل طور اهو ميونسپل ڪوارٽر ڏنو پيو وڃي ۽ ان کان علاوه شهر جي مشهور ”چٽي چوڪ“ جو نالو بہ تبديل ڪري ”عبدالڪريم گدائي چوڪ“ رکيو وڃي ٿو، اهڙن فيصلن تي انتظاميہ ڪو بہ عمل نہ ڏيکاريو آهي. جيڪا ضلعي ۽ خصوصا سنڌي شاعر سان ناانصافي چئبي.

★

اڄ ڪوئي سچ تہ چوي يارو
آ فرقاني فرمان ڪٿي
جنهن امن امان جو درس ڏنو
اڄ آهہ آهو انسان ڪٿي
اي همسفرو ! ڪجهہ ڳالهايو

مستقبل تي نظر سندن لکيل ادارين ۾ نظر ايندي، دلچسپي سان گڏ رهنمائي ڪرڻ، هر عبارت ۾ نظر اچي ٿي، قومي ۽ ملي محبت ۾ ڪيترا مضامين لکيائين، هيٺ قومي سجاڳي جي سلسلي ۾ هڪ ايڊيٽوريل جو اقتساب پيش ڪجي ٿو.

"فولاد جي ديوار"

"............ هڪ طرف پاڪستاني فوجي نوجوان سرفروشن جي اها نا قابل فراموش جرئت ۽ سرفروشي قابل فخر آهي ته ٻئي طرف ملڪ جي تاريخ جي هن اهم ۽ نازڪ موڙ تي، اسان جي پاڪستاني قوم به جنهن همت، حوصلي، ايثار ۽ اتحاد جو ثبوت ڏنو آهي ۽ هن نازڪ وقت ۾ پنهنجا سڀئي ذاتي، قبائلي، مذهبي خواه سياسي باهمي اختلاف وساري، جيڪو تنظيم، اتحاد ۽ يقين محڪم جو ناقابل فراموش ثبوت مهيا ڪيو آهي، اهو پاڪستان جي ايندڙ نسلن لاءِ به اهڙن نازڪ وقتن تي هڪ روشن مينار جو ڪم ڏيندو. اڄ سموري پاڪستاني قوم بنا ڪنهن ذاتي پيدائش، رنگ ۽ نسلي امتياز ۽ بنا ڪنهن به مذهبي ۽ سياسي اختلاف جي، پاڪستان جي "سبز هلالي جهنڊي" کي اوچو رکڻ لاءِ هڪ مضبوط، فولادي ديوار بڻجي ويئي آهي." (۱)

اگر بخت بگڙيو سنواري ڇڏيوسين،
سڄو وقت کلندي گذاري ڇڏيوسين،
وڏهي تيز طوفان ۽ موجن سان همدم،
وڃي نيٺ ٻيڙو ڪناري ڇڏيوسين.
سفر زندگي جو ڪٺن هو "گدائي"
بهر طور گذريو گذاري ڇڏيوسين.

---

(۱) روزنامه "جهاد" جيڪب آباد - ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۶۵ع.

انهن بهادر بلوچ سردارن ۽ بهادرن انگريزن جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا هئا، ڇو ته انهن بلوچ بهادرن جي نزديڪ پنهنجي سواري جا گهوڙا وڪڻڻ عيب سمجهيو ويندو هو، ليڪن جڏهن انگريزن پنهنجي سياسي چالبازين، فريب ڏيڻ ۽ ظلم ۽ ستم سان هن علائقي تي قبضو ڪري ورتو ته، ڪين پنهنجي فوج جي رسالن لاءِ اعليٰ قسم جي گهوڙن جي ضرورت سختي سان محسوس ٿي، ڇو ته ان وقت انگريزي فوج ۾ نهايت گهٽ درجي جا، پستہ قد ۽ ڪمزور گهوڙا هئا جي سندن فوجي خدمتون پوريون ڪرڻ لاءِ موزون نه هئا." (١)

★

نيٺ گدائي پارڻ پرندا،
انسانن جا وارا ورندا،
ڪندن مان ٿي قول اپرندا،
ظالم سڙندا، ڳرندا، مرندا،
ماڻهو ٿيندا شاد ـــــ دنيا ۾ نيٺ ته ٿيندو داد.

---

(١) روزانہ "عبرت" حيدرآباد - ١٢ فيبروري ١٩٦٦ع.

# ج: گدائي هڪ ڪالم نويس

اخبار جي مستقل عنوان کي ڪالم چيو ويندو آهي، جن ۾ مزاحيه، ديني، سائنسي، علمي ۽ ادبي مواد پيش ڪيو ويندو آهي، ان جي ليکڪ کي ڪالم نويس يا ڪالم نگار چيو ويندو آهي، ”ڊائري“ لکڻ جو رواج هجي يا سياسي ”پس منظر“ انهن کي ”ڪالم“ جي زمري ۾ آڻي سگهجي ٿو.

گهڻو ڪري اسانجي ملڪ ۾ اخبار پڙهندڙن جي اڪثريت گهٽ تعليم يافته آهي، ڪالم نويس کي پڙهندڙن جي سوچ کي سامهون رکي لکڻو آهي، جيئن انهن جي زبان سادي به هجي ۽ ڪٿي ڪٿي ڊرامائي صورت به اختيار ڪري ۽ تنهن کان سواءِ مسئلن کي کولي بيان ڪرڻ به ضروري آهي.

گدائي مرحوم کي ڪالم نويسي جي فن ۾ مهارت هئي، ان ڪري اهڙين مقامي اخبارن جي اهميت ۾ اضافو اچي ويو هو، جن لاءِ گدائي صاحب لکندو هو. هن جي ڪالمن ۾ صحافتي اصولن پٽاندڙ مضمون ۽ ٽيڪنڪ هونديون هيون. ان ڪري سندس لکيل ڪالم مستقل عنوان بڻجي پيا ۽ پڙهندڙ ڏاڍي اشتياق سان سندس ڪالم جو انتظار ڪندا هئا.

جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته ڪالم ڪيترن ئي موضوعن تي لکي سگهجن ٿا، پر مزاحيه ڪالم سڀ کان مشڪل ۽ اهم حيثيت رکي ٿو، چو ته اهڙي ڪالم نويس

# صحافت، ادب ۽ ثقافت

ادب ۽ ثقافت جي رشتي کي سمجهڻ جي لاءِ هيٺ بحث ڪجي ٿو. شروع شروع ۾ ادب ۽ صحافت کي هڪ ٿي معنيٰ ۽ مقصد وارا ٻه لفظ سمجهيا ويندا هئا، ڇاڪاڻ جو ٻنهي جي سوچ، جذبات ۽ مشاهدات هڪ ئي لڙي جا داڻا آهن. جيئن ته معياري صحافت ماڻهن جي مسئلن کي سلجهائڻ ۽ انهن جا حل ڳولڻ جو نالو آهي ۽ ساڳي ريت معياري ادب وري انساني خدمت، انهن جي مسئلن جي نشاندهي ۽ انهن جي علاج جو نالو آهي. معياري صحافت ظلم، ناانصافي ۽ استحصال جي خاتمي ۽ اعليٰ انساني اقدار جي فروغ کي پنهنجو مقصد بڻائيندي آهي، اهڙي ريت معياري ادب ۾ به ٿوري مختلف انداز سان، انهن مقصدن کي حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن صحافت کي معياري صحافت، ۽ زرد صحافت جهڙن قسمن ۾ ورهايو وڃي ٿو ته ادب کي به صحتمند ادب، مقبول عام ادب، غير صحتمند ادب ۽ فحش ادب جهڙن نالن سان سڏي سگهجي ٿو. (١)

ادب ۽ صحافت کي انهي ڪري به هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نٿو سگهجي جو اڄڪلهه سڀني اخبارن ۾ گهڻو ڪري ادبي تخليقون شايع ٿينديون رهن ٿيون. ڇو ته صحافت جو هڪ ڪم هي به آهي " To Educate ". ان ڪري ڪيتريون اخبارون باقائده ادبي صفحا ۽ ڪالم ڏين ٿيون. اسان جي

---

(١) ڪتاب : "صحافتي زبان" (ص-٢٠) از مسڪين حجازي سنگ ميل پبليڪيشنز چوڪ اردو بازار، لاهور

ڪنهن به شيءِ يا ڪم کي اهڙي طريقي سان سرانجام ڏيڻ، جنهن مان پتو پوي ته اها شيءِ يا ڪم ڪنهن عظيم مدبر يا بي مثال فنڪار جي ذهني ڪاوشن جو نتيجو آهي. تنهن ڪري ثقافت جي معنيٰ ٿيندي، ”ڪنهن به ڪم کي مناسب وقت تي پوري دانائي ۽ مهارت سان ادا ڪرڻ“.

صحافت بہ عربي لفظ آهي جو صحيفيءَ مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ڪتاب“. صحيفا جيئن ته رسولن ۽ نبين تي لٿا آهن ۽ انهن جو متو ۽ مقصد به اهو هو تہ سچائي ۽ ڀلائي کي شيوو بڻائي، انسانيت جي اصولن کي اپنائڻ لاءِ قربان ٿي وڃجي، ان ڪري صحافت جي معنيٰ ٿيندي: ” تحرير جو اهو فن جنهن ۾ مقصديت سڀ کان نمايان هجي ۽ جنهن جو تعلق حق ۽ انصاف سان هجي“.

مٿين حقيقتن کي سامهون رکي چئي سگهجي ٿو تہ جهڙي ريت ثقافت پنهنجو اظهار زندگي جي هر شعبي ۽ فن جي هر گوشي ۾ ڪري ٿي، تهڙي ريت صحافت بہ انهن حقائق کان محفوظ رهي نٿي سگهي. ” معياري صحافت انسانن جي معاملن کي سمجهڻ سمجهائڻ ۽ انهن جي حل جو پيو نالو آهي، مطلب ته اعليٰ پائي جي صحافت جو مقصد انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي.“ (۱) جو تہ ثقافت جو سڌو سنئون واسطو انساني رهڻي ڪهڻي، رسم و رواج تــوڙي تهذيب و تمدن سان آهي.

صحافت جيئن تہ معاشري جي مڙني علمن، هنرن ۽ زندگي جي سيني مسئلن جهڙوڪ، اقتصادي، سماجي، سياسي

(۱) ڪتاب : ”صحافتي زبان“ (ص-۱۹) از مسڪين حجازي.

صحافت جيئن تہ معاشري جي مڙني علمن، هنرن ۽ زندگي جي سڀني مسئلن جهڙوڪ ، اقتصادي، سماجي، سياسي اڻ برابري تـوڙي اڻ •وافقتي عنصرن جـي ترجمان آهي ۽ انهن جا حل پيش ڪري ٿي، ثقافت وري متين سڀني حقيقتن جو نالو آهي• ان ڪري هيئن چئي سگهجي ٿو تہ ثقافت جسم آهي تہ صحافت ان جو روح آهي•

متين حقيقتن جي روشني ۾ ايندڙ باب ۾ گدائي مرحوم جـي ثقافتي ۽ ادبي ڪارگذارين جـي مختصر رواد پيش ڪجي ٿي•

★

دل تي چئي هڪ آگ لڳايان،
گهٽ وڌ جو هي فرق مٽايان؛
سارو هي ماندائ جلايان؛
چيڙي ديڪ راڳ، الاو
پنهنجو پنهنجو ڀاڳ•

# گدائي هڪ عوامي شاعر ۽ انقلابي اديب

ادب ۽ انسان جو چولي دامن جو ساٿ آهي. ادب زندگي جي هر موڙ تي انساني رهبري سان گڏ، ان جي اقدار جي پڻ عڪاسي ڪري ٿو، تنهن ڪري هر اها صنف، جيڪا انساني ڪارج جو ڪارڻ بڻجي ٿي ۽ جنهن ۾ انساني وجود جو پرتوو شامل آهي، ان کي ادبي صنف چئي سگهجي ٿو. انسان جي ريتن رسمن، پيار ۽ محبت، سونهن ۽ ساڃهه، مذهب ۽ ماڻهو مطلب ته زندگي جي هر شعبي جي تشريح ۽ انهن جي حاصل ڪرڻ جي طريقن کي ادب چئي سگهجي ٿو. ادبي تخليقون وري اهڙن انسانن جي حقيقتن، عملن، سچائي ۽ بيباڪي جو زنده ثبوت آهن.

مرحوم عبدالڪريم گدائي جي شخصيت پڻ اهڙين حقيقتن، عملن، سچائي ۽ بيباڪي جو روشن مثال آهي.

صحافت ۾ سچو ۽ بيباڪ ليڪ،

وکر ويو وهاري وفائي جو دل ۾،

(صابر سنڌايو)

گدائي صاحب جنهن طبقي لاءِ تخليقون ميدان عمل ۾ آنديون انهن جو پنهنجو معيار آهي، ان ۾ اظهار جي آزادي، ادبي رچنا جي ادبي چاشني، ادبي ذميواري پڻ آهي، جنهن جو سماجي ڪارج انسان ذات جي ڀلائي ۽ انسانيت سان وفاداري آهي. هي ليکڪ پنهنجي دور جو شاهد ۽ احساس سان ڀرپور شاعر آهي، جنهن پنهنجي دور ۾ انساني المين،

رستا روشني جي روپ ۾ ڦٽندڙ آهن.

مثل دل ۾ پيدا نٿين جان ڪر تون،
وطن جي اڏاوت جو سامان ڪر تون.

عوامي شاعر جي شاعري آدميت جي هڪ نئين طوفان ۽ لمحن ۾ ڍلجي، راهن تي هلڻ لاءِ جذبو پيدا ڪري ٿي، جتي سچ گرهڻ ۾ ورتل آهي، انسان اونده جي جهنگ ۾ دربدر آهي، الفاظن ۾ گهٽجي مري ٿو ۽ مرى جيئرو ٿي وري پئى بار هينان مريتو.

وڪامى ٿى عصمت جوٺر جى ڪٺن تي،
ڪليجو ڏو ڦاٽى جگر چور آهي.

گدائي صاحب مسلسل سنهري مستقبل جي آرزو جو ڏيتو هڪ ۾ ڪٿي ان سچ جي چو واٽى تي بيٺل نظر ايندو، جتان وطن جي تعمير جا رستا اُيرڻ تي آهن ۽ ايندڙ ويندڙ جي دل ۾ چٽگون بکندڙ آهن.

اٿو اي شاعرو هائي ادب کي زندگي بخشيو
گلن کي رنگ بخشيو، چمن کي تازگي بخشيو
سڪل بوٽن، وڻن کي ۽ پنن کي تازگي بخشيو
وسائل آدميت کي وري تابندگي بخشيو.

عبدالڪريم گدائي مقدس ماحول ۾ رهي به امير تريـز خيال، فڪر ۾ پيدا ڪيا، ڪانگريس هلچل، زمينن جي تقسيم، ون يونٽ ڦاڻي ٽيڻ، سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام، شاگردن جي هلچل تي نئين جوت ۽ اتساه واري شاعري

تخليق ڪئي ۽ انسانيت جو عظيم شاعر بڻيو. من ۾ ڪوملتا هئس، جسم هيٺو هيس، پر دل ارڏي ساگر جيان تخليقي وهڪ ۾ جاري ساري رهي، توڙي جو نانگن جون ڦڪارون ۽ رستن حون ديوارون آڏو آيون پر آجڙيل صحرائن ۾ به هن گم قافلن جا نقش پڌرا ڪيا، ساحلن جي واري تي بار بار گهر بنائي ان جي حفاظت جي به تلقين ڪئي. اها احساس جي چادر اڄ ملڪ جي سڀني شاعرن کي اوڙهيل ڏسجي پئي-

هي عزم جوان آهي تقدير ڦري ويندي.

هن پاپ جي نگري جي تصوير ڦري ويندي.

انسان جي قدرن جي توقير ڦري ويندي

تقديرکي بدلڻ جو، اڄ عزم ڪريو ساٿي؛ ڇو دور هلون ساٿي!

گدائي پنهنجي دور ۾ عام انسانن جي فڪر کي آڏيهي ڪاڏل محسوس ڪريٿو ته ڇهرن جو نکار مٽيءَ ۾ مليل ڏسي ٿو. ساوڻ جي ڏکوئل جو برساتن سان کهڙو غبار ڌوپندو، هي شاعر خواهشن جي آمريت کي به پسند نه ٿو ڪري، هن کي شهر جي وڻن هينان به پنن مان باه جو سيڪ محسوس ٿو ٿئي، هن کي چاڻ آهي ته وطن کي پنهنجن ۽ پراون لٽيو آهي، تڏهن به تخليقي گفتگو ۾ مصلحت پسندي نه ٿو ڪري، ڇو ته وطن جي هوا ۾ هر طرف ڪيس گلن جون گردنون ( ڳچيون ) ڪٽيل نظر اچن ٿيون ۽ اهڙي

لمحي دانشور جاڳندو آهي، سندس خيال عقابن سان اٽڪندا آهن.

ڪمال آ اديبو اوهانجي قلم جو،
عقابن سان اٽڪيو وڃي نيٺ ڳيرو!

اهڙن شاعرن ۾ رات جون بيداريون هوندو آهن ۽ سندن نظر آڏو نئين چنڊ جو جوت ۽ جلوو نظر ايندو.

دودا دريا خان اٿي پيا
هوشو جهڙا خان اٿي پيا
سنڌو جا سرواڻ اٿي پيا

ڪيترن مان طوفان اٿي پيا
هاڻي پنهنجو پاڻ سنڀار ....

جيڪب آباد ۾ هونئن ته ادب نواز دوستن، اديبن ۽ شاعرن مفڪرن ۽ سياستدانن جي ڪوٽ ڪرنهي. پر جڏهن اسين گدائي صاحب تي نظر وجهون ٿا ته هن جي شخصيت ۾ مٿين سڀني خوبين جي جامع تصوير نظر اچي ٿي، هن باب ۾ اسين صرف ان جون ادبي ڪارگذاريون پيش ڪنداسين، جيڪي حقيقت ۾ سندس نظم جي انداز ۾ رپورٽون آهن.

گدائي صاحب جي شاعري، محض شاعرانه رنگ ۾ رتل، سونهن جي واڪاڻ نه آهي، بلڪ سندس ڪلام تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هڪ طرف سندس قومي ۽ انقلابي اشعار آهن ۽ ٻئي طرف عوامي ۽ ناصحانه نڪتا.

تي ڏارين جي اجاره داري ۽ پيسي جي هيرڦير هلي رهي آهي ۽ افسوس جو پنهنجن کي ڪنڌي لائڻ وارو به ڪو ڪونهي.

هي عياشيون ۽ عريانيون، تهذيب نئين جا رنگ ڏسو!
هي رت ۽ ماس جون برساتون، دنيا ۾ جيئڻ جا ڍنگ ڏسو!

هو جن جي دم سان جڳ روشن، سي روشن ديپ اجهامي ويا.
جي طوفانن سان وڙهندا ها، ڪو واءُ لڳو ته وسامي ويا،

اڄ مشرق جي ملڪن تي چڙهي، افرنگ جي ٺيڪيداري آ!
الله جي قدرتي نعمت تي، پئسي جي اجاره داري آ!

اڄ ڪوئي سچ ته چوي يارو، آ فرقاني فرمان ڪٿي!
جنهن امن امان جو درس ڏنو، اڄ آه اهو انسان ڪٿي!
اي همسفرو ڪجهه ڳالهايو! (۱)

( گدائي )

هڪ شاعر ۾ جمالياتي حس جو هجڻ تمام ضروري آهي. جتي سلاست، بلاغت، فصاحت، جدت ۽ جوش جون وصفون شاعر ۾ هجڻ ضروري آهن، ته اتي وري حسن جي پرک ۽ سوز پڻ لازمي جزو آهي، فرق صرف هي آهي ته هڪ شاعر کي هر شيءِ جي حسن ۾ سندس محبوب نظر ايندو ۽ هڪ سائنسدان ان شيءِ جي بنيادي جزن کي ڳوليندو. هڪ گل کي ڏسي سائنسدان تحقيق ڪرڻ گهري ٿو ته هو ونسپتي جي ڪهڙي خاندان مان آهي، ان جي رنگن ۾ ڪهڙن رنگن جي

---

(۱) ”سه ماهي مهراڻ“ جنوري، فيبروري، مارچ ۱۹۷۸
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

آميزش آهي. انجي غذا زمين جي کهڙن جزن سان آهي. مگر شاعر کي هنن شين سان مطلب نہ آهي. هو گل ڏسي بي اختيار چئي اٿي تہ:

(اي گل بتو خرسندم کہ تو بوي کسي داري)

”اي گل توکان خوش آهيان جو تو ۾ کنهن جي بوء آهي.“ (١)

ايم-ايچ لبل، مقدم سائنٽفڪ اسٽڊي آف پوئٽري ۾ لکي ٿو: ”شاعر ۾ انساني دلچسپي جي جز ڪانسواء جمالياتي دلچسپي بدرجہ اَتم موجود هوندي آهي“

اهائي دلچسپي حقيقت ۾ انسان جي خلقت جو باعث آهي. اها هر انسان ۾ ٿوري يا گهڻي موجود هوندي آهي، پر هڪ شاعر ۾ تمام گهڻي ۽ نفيس انداز ۾ ظاهر ٿئي ٿي. نظامي گنجوي جو قول آهي تہ: ”گل ۾ بلبل لاء، شمع ۾ پرواني لاء ۽ ڪهرباء ۾ ڪک لاء جا ڪشش موجود آهي:

”حڪيمان اين ڪشش را عشق نامند. (سياڻا انهيء ڪشش کي عشق سڏين ٿا)

گدائي صاحب کي پڻ جواني ۾ اهڙي عشق جي چڻنگ لڳي آهي.

”جواني اچڻ سان، دل اندر طوفان ٿيو پيدا،
نئون نت سور جاڳيو ۽ نئون ارمان ٿيو پيدا. (٢)

---

(١) لطف الله بدوي ”تذڪره لطفي“ (ص٦) سال ١٩٤٣
(٢) گدائي ”ساڳيءَ جا سور“ (ص ١٤) بزم ڪتب ڊيولپمينٽ اسوسيئيشن جيڪب آباد

مجبور ديس، ديس ۾ رهندڙ ڏوٿي، پنهوار ۽ مانگي پلر پهاڪ آهن، ڪيس انهن جي جهوپين، لٽن ۽ پکڙن سان بي انتها پيار آهي.

”سکيا ستابا ڏسان ويڙها ۽ ولهار،
پکڙا ۽ پنهوار، ساوا ڏسان سنڌ جا.“

گدائي صاحب گذريل اڌ صدي جي حادثن، واقعن ۽ تجربن جو زنده مثال آهي. هو مقصدي انقلاب جو رهنما، تعين ڪري، سماج جي اڻبرابري واري رشتن، ناتن کي جديد فني لحاظ سان پيش ڪندڙ، اسلوب تحرير ۽ انداز بيان ۾ يڪتا اديب ۽ باشعور شاعر هو. ”گدائي جي فن جي افاديت جو راز به ان فني روايت ۾ ئي آهي، گدائي جي فن ۾ روايت کي بنياد قرار ڏيئي جديد مسئلن کي بيان ڪيو ويو آهي. سندس مترنم ۽ نغمه ريز، سريلي ۽ لئيدار فن ۾ اسان کي اهو سڀ ڪجهه ملي سگهي ٿو، جنهن جو روح ”جديد ادب“ ۾ سمايل آهي“ (١) نبي آخرالزمان صلي عليه وسلم جي پيغام کي ڪيئن نه جديد ٽيڪنڪ سان، نا صحائي نموني پيش ڪيو اٿس.

”نه گوري کي ڪاري مٿان فوقيت آ،
فخر آهه رنگ ۽ نسل تي اجايو،
محمد جو پهريون سبق ئي اهو هو،
تفاوت نسل جا دنيا تان مٽايو. (٢)

---

(١) مولانا گرامي: ”پکڙا ۽ پنهوار“ جو ضميمو (ص-٢١)
(٢) گدائي: ”پکڙا ۽ پنهوار“ (ص-٨)

معترض پل ئي گدائي کي ڪجهه به چون. پر گدائي مرحوم جي زندگي، دائره اسلام ۾ رهي، مظلوم ۽ بيڪس انسانن جي خدمت، سندن ذڪر ڪيل حوصلي کي بلند ڪرڻ ۽ طاغوتي طاقتن جي خلاف هڪ تحريڪ هئي. دين برحق جي منشا پڌائيندي فرمائي ٿو:

” وڏائي تنڌائي جا وڃيا ويا ،
جڏهن آئي اسلام جي روشني،
هئي دين برحق جي منشا اها ،
ته دنيا ۾ ٿئي معتبر آدمي ، (١)

گدائي صاحب دولت ۽ روزي جي ورڇ لاءِ خدائي قانون کي سامهون رکي پڌائي ٿو ته اسان کي به اهو چڱائي ۽ بغير تفريق جي پنهنجي مال مان هر هڪ کي سندس حق پلئه وجهون. جهڙي ريت خداوند ڪريم بنا ڪنهن ويڇي جي هر انسان کي نعمتون عطا ڪري ٿو. تهڙي ريت اسان به پاڻ سا گيون خصلتون پئدا ڪري ان تي عمل ڪريون ته جيڪر هي دنيا جنت بڻجي پوي.

” سنڀاري روز جي روزي ڏي ٿو دشمن کي پڻ ،
اهو پروردگار آهي ، رحيم آهي ڪريم آهي. “ (٢)

انساني دور اڄ جي مرتبي ماڻڻ لاءِ ، سچائي کي پاڻ

---

(١) گدائي ” ٻڪڙا ۽ ٻهوار “ (ص-٩)
(٢) گدائي ” ساڃيهه جا سور “ (ص-١)

لاءِ، قدرت جي لازوال حقيقتن ۽ نعمتن کــــي حاصـل ڪرڻ لاءِ ، پڌائي ٿو تــــہ پاڻ نبي صلعم جهڙا انقلابي اوصاف پيدا ڪــــريو تــــہ ڪـو سبـب ڪونهي جـــو اوهـان ڪنهن مرتبي کي نہ ســائيو.

شـافع ــ هر دو جهان جڏهن ڪيو پـادر رڪـاب،
جن تي براق دلـبر لڏ ، دو زانو ٿـي ويـو"۔ (١)

پراڻي سمي جي اهلهہ ماڻڪن، غواصن، سگهـڙن ۽ عالمن جـي خـدمتن، سگهڙائپ جي قولن ۽ گفتن جي واڪاڻ ڪـــي جوڪي دور سان پيتيندي، انهن جـــي ڪمي جـــو ذڪـر کهڙي نہ اثرائتي انداز ۾ ڪيو اٿس.

" اڄ ساقي تنهنجي محفل ۾، سا سا ڳي هي گلفام نہ آ ،
ڪو مست الستي رند نہ آ، ڪو بهہ بهہ برندڙ جام نہ آ،
سي پيار جي جنس جا وڻجارا، ڪجهہ چاڻان ڪهڙي واٽ ويا؟
هر ڪنهن وٽ سودو نفرت جو، پر پيار جو ڪٿ بہ نام نہ آ۔(٢)

بهــار ۽ برسات جو ذڪر هر شاعر مشرق جـــو خاص موضوع رهيو آهـي. گهڻو ڪري هر هـڪ ان موضوع تـــي طبع آزمائي ڪئي آهي. پر گدائي صاحب جو انـداز بيان پڻ

(١) گدائي " ساڻيهہ جا سور " [ص-٢]
[٢] گدائي: " مکڙا ۽ ڀنهوار " [ص ١٦]

شاعرن کان نرالو آهي. هن بهار جو ذڪر ڪندي مظلوم مارن، سورن ۾ ورتل سانگين ۽ پکڙن ۾ رهندڙ پنهوارن کي وساريو نه آهي. بلڪ اهڙي موقعي تي سندن مظلوميت هينئاءَ تي تري آهي ۽ ڏاڍي پيڙا سان فرمائي ٿو:

"گلن ۾ رنگ نڪي، مکڙن ۾ روپ رهيو!
چمن اداس ۽ اهل چمن کي زار ڏسو.
عجيب نظم گلستان، عجيب موسم گل،
گلن جو خون سچو پي ويا پنور ڪارا،
چمن جو رنگ ڏسو، موسم بهار ڏسو! (١)

گدائي، امن ۽ آشتي، محبت ۽ اعتماد جو متلاشي آهي. هن جي تمنا هئي ته هي زندگي قرب، پيار ۽ انسانيت جي اصولن پٽاندڙ هجڻ گهرجي. جنگ ۽ جولاني، فتنو ۽ فساد، نفاق ۽ نفرت جو ڪٿي به وهنوار نه هجي، هر طرف پيار جو ونج واپار هجي. پنهنجي انهيءَ لطيف خيال کي لفظن جو روپ ڏيئي هيئن ريت ظاهر ڪيو اٿس:

"سڀون ڪو اهڙو اچي، اهڙو اهتمام ٿئي،
الاهي رسم - محبت جهان ۾ عام ٿئي،
رهي نه جنگ جو فتنو فساد عالم ۾،
هميشه امن و محبت جو احترام ٿئي. (٢)

---

[١] گدائي "مکڙا ۽ پنهوار" [ص-١٧]
[٢] گدائي "مکڙا ۽ پنهوار" [ص ٢١]

گدائي مرسوم هيٺي جي هڪلائي ۽ ڏاڍي جي ارڏائي توڙي مغروري ۽ وڏائي کي ملهپي کان ڪريل وڪر چائي ٿو، اهڙي لوڀي ۽ مايا جي موه ۾ قاتل ماڻهو جي تشبيهه کهڙي نه ادبيانه انداز ۾ پيش ڪئي اٿس.

” ٻڪري جي کنهن لا ش تي ناهر، وات پٽي اونهائي ويٺو،
هيٺي جـو هڏ ماس چباڙي، گهر جـائي گهڙڪـائي ويٺو،
ماس مرونء تـي لوڀي، پنهنجو، ماڻڪ آه مٽائي ويٺـو،
پنهنجو من پرچائي ويٺو.“ (١)

نوجوان نسل کي مستقبل جو معمار ۽ پاسبان چائيندي کين تنبهه ٿو ڪري ته وڏڙن جي چڏيل وٿن کي هٿان نـه ڇڏيو بلڪ مڙس ٿي ديس مٿان ٿيندڙ ظالم ۽ زيادتي کي تڙي نيڪالي ڏيو ۽ پنهنجن سـان ويڇا وساري، رشتن کي وڌيڪ پختـو ۽ مضبوط ڪريو. ون يونٽ جـي ڪوٽ کـي ڪيرائي پرزا پرزا ڪريو:

” سر ساڻ سـر ملايو اڳتي قدم وڌايـو،
جبر و ستم جـو ناڻو، هن ديس تـان مٽايو،
رشتو وري دوباره، پيٽ شـاه سـاڻ جوڙيو،
هٿ ظالم جا مروڙيو، يونٽ جو بند ٽوڙيو.“ (٢)

---

(١) گدائي ” ٻڪڙا ۽ مهوار “ ( ص-٥٥ )
(٢) ” ” ” ( ص-٦٢ )

پڻ هنڌ فرمائي ٿو:

بکن ۾ پاه آهن، دربدر، بي گهر وطن وارا،
وطن جا پاسبان آن تون، وطن آباد ڪر پنهنجو. (١)

گدائي مرحوم عوام جو شاعر آهي، هن جي نظر تيز ۽ حافظو جوان آهي. هن جي نگاه ڌرتيءَ تي وسندڙ هر شيءِ تي آهي. هو انسانن جي طبقن جي خلاف آهي. ڪيس خبر آهي ته قوم جو ڪهڙو باشعور طبقو وڏيڪ مظلوم آهي. فرمائي ٿو.

” پٽيوالو، منشي، سپاهي، معلم،
بکن جي مصيبت کان مجبور آهي. (٢)

اسلامي تاريخ تي نگاه وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته خليفي اميرالمومنين حضرت عمر رض جي ڏينهن ۾ هڪ منشي کي روزانه تقريباً چار سير گوشت ۽ ٻيو روزانه ضرورت جو سيڌو مهيا ڪيو ويندو هو ۽ منشي ۾ پگهار جدا ادا ڪئي ويندي هئي. ساڳي وقت هڪ سپاهي ۽ معلم جو درجو قوم جي ڪابرين ۽ مجاهدين ۾ شامل هوندو هو. پٽيوالي جو درجو هو هو جو يروشلم ويندي جڏهن حضرت عمر پنهنجي سواري لاءِ بيت المال ۾ بچيل هڪ ڏاچي کي استعمال ڪري ٿو.

(١) گدائي ” ساڳيهه جا سور “ (ص-٢٨)
(٢) گدائي ” ساڳيهه جا سور “ (ص-٣٤)

سائس گذ خادم به آهي. هو پنهنجي خادم کي فرمائي ٿو هڪ منزل تي آٺ جي واڳ مان وٺندس ۽ سواري تون ڪندين ۽ ٻئي منزل تي سوار مان ٿيندس ۽ واڳ تون وٺندين ۽ اهڙي ريت يروشلم پهچڻ تي خادم اٺ تي سوار آهي ۽ پنهنجي واري مطابق اميرالمومنين اٺ جي واڳ ورتيون وڃن ٿا. ٻڌايو ته اهڙي معاشري ۾ ڏوهه جو تصور به ڪري سگهجي ٿو؟ دعا آهي ته اسان کي اهڙو حقيقي معاشرو نصيب ٿئي.

حق ۽ باطل جي جنگ، هيٺي سان ڏاڍي جي ويڙهه هر دور ۾ ٿيندي آئي آهي. ڪڏهن مظلوم ڪيرءآهي ته ڪڏهن ڪيرا! پر جنگ ساڳي ٻن طبقن ۾ رهندي آئي آهي، سيدنا حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو ته : هر دور ۾ ڏاڍي ۽ هيٺي جي، حق ۽ باطل جي ، ڦورو ۽ ڦرجڻ واري جي جنگ ٿيندي آئي آهي، هيٺو جيتوڻيڪ هيڪلو هوندو آهي پر سندس عزم ۽ ارادو پهاڙ جيان پختو هوندو آهي ۽ هو اڪيلي سر شمطا ني قوتن سان سينو سپر ڪري، دنيا لاءِ دائمي درس ڇڏي وڃي ٿو، جو ته حق وٺڻ جو اهوئي هڪ طريقو آهي.

زمين - شام تي ابليس جي فرمان روائي آ ،
مقابل حق پرستن جي يزيدين جي گهٽائي آ ،
انهي کان پي زياده ' ڇا اڃا پي برائي آ ،
محمد جي نواسي ساڻ باطل جي لڙائي آ،
ڇڏي تو جو سبق دنيا جي لئہ صدق و رضا وارو ،
سبق آموز - جرئت ، حادثو آ کربلا وارو . (١)

گدائي صاحب هاريءَ کي سنڌ جي سينڌ سنوارينڌڙ
ٻن پونءَ جي زرخيز سينيءَ مان لعل ۽ گوهر پيدا ڪندڙ،
ڌرتيءَ جو اصل ڌڻوان سمجهي ٿو. ٻن جي حق تلفي ڏسي
تڙقي اٿي ٿو ۽ کيس سجاڳ ڪندي فرمائي ٿو:

” خبر پي آه ڪا تہ ڪي تہ تنهنجو محنتي بازو ،
زمين چيري منجهائنس لعل ۽ گوهر اپائي ٿو ؟
مقدس قار تنهنجي هر سندي دشت و بيابان کي ،
عجب رنگين د لڪش باغ شبتان بڻائي ٿو . “ (٢)

اڳتي هلي گدائي صاحب هاريءَ کي سندس اصل
طاقت جو سرچشمو سمجهي کيس بيدار ٿو ڪري تہ هي
ساري جهان جو چرخو ، خوشيون ۽ شادمانہ تنهنجي دم سان

---

[١] گدائي ” ساڃهہ جا سور “ ( ص - ٣٨ )
[٢] گدائي ” ساڃهہ جا سور “ ( ص - ٤٥ )

آهن ، پر تنهنجي گهر ۾ اچا تائين مٽيءَ جو ڏيئو ٻري رهيو آهي. تنهن ڪري توکي گهرجي تہ پنهنجي منزل پاڻ حاصل ڪر. ملاحظہ فرمايو.

” قبضي ۾ توکي آهي ڪيڏي نہ يار قدرت !
افسوس پر تو پنهنجي سمجهي نہ آ حقيقت !
ات جاڳ اچ دنيا کي ، ڏيکار پنهنجي طاقت !
هڪڙي جهپٽ سان هاري ، ڦيراءِ پنهنجي قسمت !
تنهنجي مٿان چريا هي ، عبرت جو داغ ڪيسين !
رهندو مڪان تنهنجو هي بي چراغ ڪيسين ! (۱)

اليڪشن جي موقعي تي، هاريءَ کي هرڪائڻ ۽ پنهنجو ڪرڻ لاءِ ، جيڪي حربا سرمائيدار ، زميندار ۽ انهن جا چاڙتا، ووٽ وٺڻ وقت استعمال ڪندا آهن، انهن کان ڪيئن هوشيار ڪندي جيڪو شعر هن لکيو هو سو سڄي سنڌ ۾ ڳايو ويندو هو. ان جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

” وري منڊ آئي خبردار هاري !
کڻي چار نڪتا پر اٿا شڪاري !
سنڌ ووٽ جا هي بکيا ۽ بکاري !
ڪندا تنهنجي ڪچلڻ جي پوري تياري !
سمهڻ توکي سک ساڻ ڪڏهن ڪين ڏيندا !
اهي تنهنجا وڻ پيا وچائي چڏيندا . “ (۲)

---

(۱) گدائي ” ساڻيهہ جا سور “ ( ص - ٥٠)
(۲) گدائي ” ساڻيهہ جا سور “ ( ص - ٥٣)

ساڳين حربن کان هاري کي هوشيار ڪندي فرمائي ٿو:

” ورهين بعد تو وٽ وري يـــار آيا !<br>
اگهاڙن بکين جـــا ڪٿي بار آيـــا !<br>
ڪٿـــي سبز نوٽن جـــا انبار آيـــا !<br>
ڏتـــارڻ وري تـو ڪــي زردار آيا !<br>
خبردار هاري جـــو پوتار آيـــا !<br>
يـــرا ٿا شڪاري ڪٿي چـــار آئيا ! (١)

گدائي هاري کي سندس حقن وٺڻ لاءِ هڪ طرف هوشيار ڪندو آيو آهي ته ٻئي طرف وري زمندار ۽ سرمائيدار کي به هارين ۽ مزدورن جي حقن غصب ڪرڻ جـي ممانعت ڪندو آيو آهي. پر جڏهن سندس آواز جو اثر ڪنهن سرمائيدار جي دل تي نٿو پوي، تڏهن خداوند ڪريم جـي درگاهه ۾ ڏوراپو ڏيندي، مظلوم هاري توڙي مزدور جـي حالت جي عڪاسي اهڙي ته اثرائتي انداز ۾ ڪئي اٿس جو سچ پچ اکين مان لڙڪ جاري ٿيو ٿيون وڃن ٿا.

” اوهـان جـو تـه هـر راز ٻـاريڪ ســولا !<br>
تـون رزاق سڀ جـــو اهـو نيـڪ ســولا !<br>
جي آهين تون شهه رڳ کـان نزديڪ مـولا !<br>
تـه منهنجي دنيا چـــو آ ، تاريڪ ســولا !<br>
عيـاشـــي جـــا اڏا نـوابـن جـــي دنيـــا !<br>
۽ پـنهنجـي ڏکـن ۽ عذابن جـــي دنيـــا ! (٢)

(١) گدائي ”ساڻيهه جا سور“ (ص-٥٥)<br>
(٢) گدائي ”ساڻيهه جا سور“ (ص-٦٠)

خداوند ڪريم جي حضور ۾ هارين جي فرياد ۽ وڏيرن جي بيدادي جـي دانهن ڪهڙي نـه دردمندانه انـداز ۾ پيش ڪئي اٿس :

” خدايا وڏيرن جـو بيـداد ڪيسين ؟
ڪسانن جون ڪيهون ۽ فرياد ڪيسن ؟
ڪمائي غريبن جـي بربـاد ڪيسين ؟
هي پورهيت نيا گيا ۽ ناشـاد ڪيسين ؟ (١)

مٿين ڪيـل سوال ۾ سوين صدما آهـن ، بيوسـي ۽ مجبوري آهـي، غربت ۽ نراشائون آهن، پر گدائي پوء بـه پراميد آهي، هن کـي يقين آهي تـه هڪ ڏينهن هـي غربت ، نا انصافي ۽ ڏاڍ ضرور ختم ٿيندا.

” گدائي تشدد جا سامان ، نه رهندا ،
نه رهندا، هي فرعون وهامان نه رهندا ،
هميشه نڪما هي شادان نـه رهندا ،
۽ مزدور ، آتش بد امان نه رهندا ،
اچي ٿـو غريبن ۾ ، شان ـ جلالي !
مزورن ۾ هتو ڙو ۽ ڏاتـي سنڀالي ! (٢)

---

[١] گدائي ” ساٿيهه جا سور “ [ ص-٢٥ ]
[٢] گدائي ” ساٿيهه جا سور “ [ ص-٦٦ ]

منظر نگاري شاعر جي فن جو ڪمال ليکبو آهي- منظر نگاري جيتري چٽي ۽ سربستي هوندي، اوترو جلد پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ ان مان فائدو حاصل ڪري سگهندا. تنهن ڪري هر شاعر انهيءَ فن کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هيٺ ڏاري جي پوشاڪ ۽ اجهي جي منظر نگاري پيش ڪجي ٿي:

” سخت سردي ۾ اگهاڙا، بي اجهي ۽ دربدر،
لڄ لڪائڻ لاءِ جن کي ڪون ڪپڙي جو ٽڪر.“ (١)

گدائي جي نظر عميق آهي. غواصن جيان پاتال ۾ پيهي سرزمين سنڌ جي سيني اوٽاين کي نيشانبر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هن جي اها ڪوشش انهيءَ ڪري آهي ته جيئن سنڌ ۾ وري سانگي ساوا ستابا ٿين ۽ انهن جي جان مال، عزت ۽ ناموس تي ڪو به ڏکي لڳائڻ وارو پيدا نه ٿئي. هيٺ ڏاري جي عزت ۽ ننگ کي، اميرن جي زور کان محفوظ نه سمجهي، ڪيڏي نه پيڙا سان افسوس جو اظهار ڪيو اٿس:

” دوشيزه ديهات جي انمول امانت !
افسوس نه محفوظ، آ زردار جي زرڪان !

گدائي صاحب پاڻ غريب هو. پنهنجي اصولن ۽ غربت کي ڪڏهن به دولت ۽ مايا جي بدلي نه وڪيائين. چاهي ها ته پنهنجي اڻمل اصولن ۽ انقلابي الفاظن جي لکها روپيه قيمت

---

[١] گدائي ” ساڻيهه جا سور “ [ص ٧٢]

وصول ڪري سگهي ها. پر اها هڪ باضمير ۽ غيرتمند شاعر جي احساس ۽ اصولن جي ابتڙ ڳالهه هئي.

هو مسلمان هو. هن چاهيو پئي ته هت به اسلام جي اصولن کي عملي صورت ۾ رائج ڪيو وڃي. صرف زباني ڳالهيون نه هجن. جيئن ته دين اسلام ۾ انسانيت جي پرک دولت يا حشمت سان نه ڪئي ويندي آهي بلڪ اها تقويٰ ۽ مساوات جي بنيادي اصولن جي پيش نظر ڪئي ويندي آهي. هر ماڻهو تي هڪ جهڙيون جوابداريون ۽ فرائض مقرر ڪيل آهن. جيڪڏهن هر ماڻهو ايمانداري سان انهن تي عمل پيرا ٿئي ته هوند ملڪ جا ڏولاوا منٽ ۾ ختم ٿي وڃن. گدائي انهي معاشري جي تصوير پيش ڪندي فرمائي ٿو:

” مسلمان آ اهو، جو ڪين ڪنهن کي رنج پهچائي،
مسلمان آ اهو، جو ڪين ڪنهن جي دل کي ايذائي،
مسلمان آ اهو، جو ڪنجي مري، پاڙي جي غيرت تي،
مسلمان کي هميشه ناز آ، پنهنجي شرافت تي. (١)

گدائي آخر ۾ دنيا جي بي ثباتي ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته هن دنيا جون سڀ نعمتون، عيش عشرت جو سامان سڀ هڪ ڏينهن خاڪ ۾ ملي ويندا. دنيا جي پراڻين تهذيبن تي نگاهه وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهي سڀ جاه و جلال ۽ تمدني آماجگاهون مٽيءَ جي ڍيرن ۾ تبديل ٿي ويون آهن.

---

(١) گدائي ” ساڃهه جا سور “ (ص-٩٥)

پوء چــو اهڙي بي بقا زندگيءَ لاءِ جبر ۽ ستم جــي رسم قائم ڪجي. تيئن تــہ ائين گهرجي تــہ هت سڀ انسان امن ، ڀائيچاري، قرب ۽ اتفاق سان زندگي گذارين. هن فاني زندگي جو ذڪر ڪهڙي نہ اثرائتي انداز ۾ ڪيو آهي:

آهي نہ هت ڪنهن کي بقا، مهمان سڀ شاه و گدا !
قدرت جــو هي دستور آ ، آخر فنــا ــ آخر فنـا !
سارو جهان هي سر بسر ، آهي گدائي دم گذر ! (١)

گدائي صاحب سنڌي شاعري ســان گــڏ ، اردو ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن طبع آزمائي ڪندو هو. اردو جي شاعري ۾ بہ نهايت پختگي ۽ لئي آهــي. معنــيٰ ۽ مقصد جــي لحاظ سان ويهي جاچبو تہ معلوم ٿيندو تــہ درياءَ ڪوزي ۾ بنــد ڪيو ويو آهي ۽ اهائي اصل ۾ شاعري جــي منزل آهي. هڪ بند نموني طور بند پيش ڪجي ٿو.

” هماري دل په کيا گذري ، بتائين رازدان کيا کيا؟
خموشي هي زبان سمجهو کرين شرح بيان کيا کيا؟ (٢)

گدائي صاحب نظمائي ادب کان سواءِ نثر ۾ بہ گرانقدر خدمت ڪئي آهي. نثري ڪاوشن ۾ بہ سندس سوچ سما ڳي آهي.

---

(١) گدائي ” سانڀهہ جا سور “.( ص - ٢١ )
(٢) گدائي ” سانڀهہ جا سور “ [ ص - ٨٩ ]

سا ڳيو انداز فڪر، سا ڳيو تسلسل ۽ اسلوب تحرير، ڪيترا مضمون، ڊراما، مقالا، ايڊيٽوريل ڪهاڻيون ۽ ان جا ترجما، مضمون ۽ تاريخي ڏوڙي سماجي ڪتاب تحرير ڪيا اٿس.

نظم ۾ هن وقت تائين ٽي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن ۽ پيو به ڪيترو ڪلام اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي جنهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. نظم جا ڇپيل ڪتاب:

١- ” ساٿيهه جا سور “ جون ١٩٦٥ع ۾ ضلع ترقياتي ائسوسئيشن جيڪب آباد ڇپرايو.

٢- ” پڻما ني ٽي پڻما نو “ سال ١٩٧٤ع ۾ سورٺ اشاعت گهر جي سهڪار سان فتاح عابد ڇپرائي پڌرو ڪيو.

٣- ” پکڙا ۽ پنهوار “، سال ١٩٧٥ع ضلع ترقياتي ائسوسئيشن جيڪب آباد جي سهڪار سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

نثري ڪاوشن ۾ سندس هڪ ڪتاب جيڪب آباد جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ متعلق آهي. جنهن جو عنوان آهي ” خانڳڙهه کان جيڪب آباد تائين “، هي ڪتاب ١٩٦٥ع ۾ ميونسپالٽي جيڪب آباد جي سهڪار سان ڇپايو ويو.

گدائي مرحوم جتي ادب ۽ صحافت جي خدمت ڪري پاڻ ملهايو، اتي وري سنڌ جي ثقافت توڙي تهذيبي سرمائي کي سموئڻ ۾ به ڪوتاهي ڪون ڪيائين. سال ١٩٢٧ع ۾ نه صرف غزل جي شاعري ڪيائين بلڪ پنهنجي ڪلام جي موسيقي بابت پاڻ ترتيب ڏنائين. سندس ترتيب ڏنل ڪلام

بهرحال اهو مجٿو پوندو ته انقلابي شاعري جسي پيڙهه رکندڙ هن شاعر نوان لب و لهجا، پنهنجن تجربن سان استعمال ڪيا، سندس ڪلام ۾ شبنم جهڙي تازگي، تلوار جهڙي تک ۽ مشاهدي جي هڪ عاليشان عمارت نظر اچي ٿي، جيڪو جدا گانه طرز جو اظهار آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي سگهجي ٿو ته هن صحرا ۾ گل پوکيا، نئين طرز سان انداز محبت کي روشناس ڪيو آهي، ان ڪري عبدالڪريم گدائي ڇهڙو عوامي شاعر، وسيع تر حيثيت جو حامل، آخر دنيا تائين ادب ۾ امر رهندو ۽ جڏهن صبح نو جا خير تڪميل خواب پورا ٿيا ته گدائي جا گهاءَ پرجي ويندا.

# آديسي اٿي ويا :

گدائي جو انتقال ٢٨ جنوري تي، سندس گهر پرائـي ميونسپالٽي ۾ ٿيـو. ان کان اڳ هو پيرسـي جــي ڪري پندرهن ڏينهن بيمار هو. پر ٢٨- جنوري جـي رات، مغز جي رڳ کي ڌڪ لڳڻ ڪري مٿس فالج جــو حملو ٿي پيو ۽ سندس بدن جـــو کابو پاسو ان کان متاثر ٿيو، انهيءَ اوچتي حملي ، گـدائي کــي اسـان کـــان ڌار ڪـــري ، هميشه جو وڇوڙو وجهي ڇڏيو.

انا لله و انا اليه راجعون.

گدائي مرحوم جـــي عمر تنهن وقت ٧٨ ســال هئي.

” آ نيٺ گدائي مرڻو آ پر ، هي ساهه سنڌ ۾ آ جيستين ،
همت حب وطن جـــي پوئين ، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين !“

گدائي جـي وڇوڙي تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ۽ ٻاقي علائقن جي ڪيترن شهرن مان هر صاحب فڪر ماڻهو ۽ اداري سندس پوئين ڏي تعزيتي پيغام موڪليا. ڪيترن اخبارن اداريا مضمون ڇپيا ، ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيلي وزن تي خصوصي پروگرام ڏنا ويا، هر هنڌ سندس خدمتن کــــي ساراهيو ويو ، پر سنـدس قبر جي ڪتبي، ڪلام ۽ پوئين جي سرپرستي ڏانهن ڪنهن به توجهه ڪونه ڏنو.

هيٺ سندس خدمتن جـــي اعتراف ۾ ڪجهه اخبارن جا

سه ماهي مهراڻ گدائي ڪي خراج تحسين پيش ڪندي لکي ٿو :

” ڏي چار سال اڳ قلندر جي ميڙي تي جڏهن گدائي صاحب کي ڏٺو هيم، تڏهن نبل لڳو هئم، پر هيٺو نه، اسٽيج تي اچاچي. گدائي جي لهجي ۾ اهائي سنڌو جي اجهل تک هئي گدائي جي شاعري ڪرڻا ڪرڻا اميد جي شاعري آهي. هن وت اُس اُيامي ته ٿي، پر اُجهامي نٿي، وقت گذرڻ سان گڏوگڏ گدائي صاحب جي شاعري جي اهميت وڌندي رهندي، ڇاڪاڻ ته گدائي ايندڙ زمانن جو شاعر آهي.

” آ وات تي ڪاري رات اگر، پنهنجي رت جو تيل ڏيئي، هر موڙ مٿان آزاديءَ جي ، هڪ مشعل ٻاري ويندا سين.

اها هڪ جڳ جي پڇاڻي آهي ، گدائي ، مولائي کان الطاف تائين ڦهليل جڳ جي پڇاڻي .

سچ پڇو ته اهو ذاتي ڏک ته آهيئي، پر اهو سا ڳي ويل سڄي سنڌ جو به ڏک آهي. اهو هڪ قومي نقصان آهي. گدائي، مولائي ۽ الطاف، سنڌي ادب ۾ امر نالا آهن. هو سر جڏهار آهن ۽ آفاقي آهن ۽ پوري انسانذات جا سونهان آهن . ( ١ )

---

(١) ايڊيٽر : امداد حسيني سه ماهي ”مهراڻ“ جنوري کان مارچ ١٩٧٨ع

# پڇاڙي

مرحوم عبدالڪريم گدائي جي پوري حياتي هڪ پر عزم، حوصلي مند ۽ محنت ڪش انسان جي زندگي نظر ايندي. هن کي سندس جدوجهد ۽ محنت جو ثمر، جو ڪيس پلئه پيو سو پنهنجن جي پورن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. هڪ وڏي فلاسفر ”لومر“ جي بقول ”مون کان سڀڪجهه کسي ويو، پر ٻه چيزون مون وٽ ڇڏي ويو، ٻهريون اهو احساس ته مان آزاد آهيان ٻيو جو ڪجهه ماز سو ڇيندو آهيان، ڇٽي سگهندو آهيان. انهيءَ کان علاوه مونکي ڪجهه به نه گهرجي.“

گدائي نه صرف شاعر ۽ اديب هو بلڪ هڪ اعليٰ پايه جو صحافي پڻ هو. سندس جدوجهد جو مقصد آزاديءَ تحرير و تقدير هو. ”دنيا ۾ جتي به اخبارون وجود آهن، تي آزاديءَ تحرير جي جدوجهد به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ جاري رهي آهي.“ (١)

گدائي مرحوم جي پوري زندگي انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گذري. هن ادب کي ڪڏهن به ڪون وڪيو. هن جي صحافت بيباڪ ۽ سچائي جو گس هئي، ڪيس ذات ۽ ذاتن ۾ هيا، جيڪي هن صرف پنهنجي قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏيا، قوم ڪيس موت ۾ ڇا ڏنو . ؟

”هي هو سنڌ جو اهو شاعر جنهن سنڌي شاعري کي

(١) مهدي حسن ”ابلاغ عامه“ [ص ١٣٠]

نئون موڙ ڏنو، نئين روايت جو پايو وڌو. اڄ جو اُجالو هر هنڌ ٻکي رهيو آهي؛ اهو سنڌس ڏي نيڻن جو نور هو، اڄ جا سوچ ساهه ساهه ۾ سڏڪي رهي آهي، اها سندس ويچار جي ورچ آهي، پر بدلي ۾ ڪيس جو ڪجهه مليو ڏسي دل ڏڪي ويو. ٻچاڙي جا پاچولا اوڏا اچي پهتا پر اديب اهوئي ڏکيو ۽ ٻکيو رهيو." (١)

گدائي نہ صرف ادبي اصولن ۽ صحافتي سچائي جو ساٿ ڏنو، پر هن هڪ طرف سنڌي راڳ جي روايتن کي محفوظ ڪيو تہ ٻئي طرف سنڌي اخباري ٻولي جي لغت، ٺيٺ سنڌي ٻهاڪاڻ تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪري، ٻولي جو وڏو ذخيرو هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو.

ثقافتي، صحافتي ۽ ادبي قدرن جو عملي مشاهدو پيش ڪري، جيڪب آباد جو فني دنيا ۾ هميشه لاءِ نالو روشن ڪري ويو. بلڪ پوري سنڌ جو سر اُچو ڪري ويو. سندس فڪر انگريزي ۽ شهرت جو ٻچو ٻچو گواه آهي.

" ويهين صدي انقلاب جي صدي آهي ۽ هن صدي جي حريت پسندن جي جذبات جو بصيرت افروز ذريعه اظهار گدائي جي شهرت آهي. عبدالڪريم گدائي هڪ صاحب طرز اديب، صحافي ۽ خيال انگريز شاعر هو." (٢)

---

[١] قمر شهباز " هفتيوار سنڌ سجاڳ " (ص – ١٩)

[٢] احسان عظيم " الفتح " (ص-٣١ ١٧ ۽ رڪي ١٩٧٨ع

گدائي صاحب جون گرانقدر خدمتون جيڪب آباد ضلعي جي تفصيلي تواريخ آهي، جنهن جو مظهر سنڌس ڪلام، لڪثيون، ڊوڙي ثقافتي ۽ سماجي سرگرميون آهن. اميد ته مستقبل جو محقق ان ڏس ۾ وڌيڪ ڪوجنا ڪري، گدائي مرحوم جي ڪيل خدمتن کي تفصيلي، تحقيقي ۽ پختي انداز ۾ پيش ڪندو، گدائي صاحب جي حوصلي، اظهار، صحافت ۽ ادب جي جهلڪ سنڌس فرزند فتاح عابد جنهن پنهنجي وس آهر ان ڏس ۾ ڪافي ترقي ڪئي آهي ۽ ميدان عمل ۾ مصروف آهي.

جو ڪيترن ئي شعبن ۾ ڪم ڪري سگهي ان جو مثال عبدالڪريم گدائي آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ماڻهو سچائي سان ڪم ڪرڻ چاهي ته هڪ ئي شخصيت ڪمن جي ورچ سان ڪيترن ئي شعبن ۾ ڪم ڪري سگهي ٿي، عبدالڪريم گدائي جهڙي علامتي شخصيت اهان جي سچاڻ دانشورن، اديبن خاص طور تي نئين ٽهي جي دوستن لاءِ وڏي اتساه ۽ رهنمائي جو ذريعو آهي، بهرحال ان ڪتابي جستجو ۽ جاکوڙ لاءِ نه صرف ڪتاب جي مصنف غلام نبي سڌائي بلڪ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جيڪب آباد به جس لهڻي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان اهڙي نامور ۽ علامتي شخصيتن جي زندگي تي وقت ۾ وقت مواد شايع ڪريون جيئن ان مان پڙهن کي اتساه ۽ لاڀ ملي.

## خان محمد پنهور

### جيئڻ من

شعبہ صحافت

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو - سنڌ

جيڪب آباد جي تاريخي پس منظر ۾ ڀا جاگرافيائي صورتحال تي اونهي ويچار ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته سنڌ جو هي قدم ضلعو آهي.

شهر جي علمي، ادبي، سياسي ۽ ثقافتي تاريخ تي طائرانه نظر وجهڻ سان گهڻائي پهلو، سامهون اچن ٿا، خاص ڪري ادبي دنيا ۾ جيڪب آباد ضلعي وڏا اديب، شاعر ۽ استاد

پيدا ڪيا آهن. قادربخش، بشير مورو ٺلهائي(١٨٩٦-١٩٨٥)، مولوي نورالدين، سرور بلوچ ۽ فيض بخشاپوري (ولادت١٤٢٢) وغيره جا نالا هن ڏس ۾ سامهون آئي سگهجن ٿا.

پنهنجي ڪتاب "عظيم سنڌي انسان" (١٩٨١) جي تياريءَ ۾ جيڪب آباد ضلعي بابت ڪافي ڪتاب مطالعي هيٺ رهيا. انهيءَ سلسلي ۾ محترم غلام نبي سڏائي صاحب جو "سفر زندگي جو" مسودو به ڏسڻ جو موقعو مليو. ظاهر ۾ ته هي ڪتاب گدائي صاحب جي ادبي، سياسي، ثقافتي ۽ صحافتي زندگي جي عڪاسي ڪري ٿو، مگر ڪتاب جي ٻئي روپ ۾ ضلعي جي معلومات سان گڏ ڇاپخانن جي تاريخ تي پڻ چڱي طرح روشني وڌل آهي.

محنت سان تيار ڪيل هي ڪتاب، جيڪب آباد جي تاريخ ۾ هڪ اهم اضافو آهي جنهن لاءِ جناب سڏايو صاحب مبارڪ جو مستحق آهي، انشاالله پڙهندڙ به هن ڪتاب مان پورو استفادو حاصل ڪندا. خاص ڪري جيڪب آباد بابت تحقيق ڪندڙ شاگردن لاءِ ڪارائتو ڪتاب ثابت ٿيندو.


## ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي

### صدر شعبه سنڌي

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

# سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن جا عهديدار

سال ٨٢-١٩٨١ع پهريون ڪنوينر اشرف کهاوڙ

١- صدر فتاح عابد

٢- نائب صدر : ڊاڪٽر اقبال ڪنڊو

٣- جنرل سيڪريٽري : غلام نبي سڌايو

٤- جوائنٽ سيڪريٽري : محمد پريل شيخ

٥- خزانچي : نظير شهزاد / نبي بخش خاصخيلي

٦- اطلاعات : ممتاز منگريو

سال ٨٣ - ١٩٨٢ع

١- صدر : فتاح عابد

٢- نائب صدر : ڊاڪٽر واحد بخش ليغاري

٣- جنرل سيڪريٽري : غلام نبي سڌايو

٤- جوائنٽ سيڪريٽري : محمد اسلم پنهور

٥- خزانچي : مهرالله سومرو

٦- اطلاعات ممتاز منگريو

سال ٨٣ - ١٩٨٤

١- صدر : ڊاڪٽر غلام سرور سولنگي

٢- نائب صدر : سڪندر بختيار کوسو

٣- جنرل سيڪريٽري : فتاح عابد

٤- جوائنٽ سيڪريٽري : محمد اسلم پنهور

٥- خزانچي : رفيق سرڪي

٦- اطلاعات : ممتاز منگريو

# مددي ڪتاب

## سنڌي ڪتاب ۽ اخبارون

پنهنجي تي پنهنجو — مرتب فتاح عابد

سانيھ جا سور — عبدالڪريم گدائي

پکڙا ۽ پهنوار — عبدالڪريم گدائي

سانيھ جا سور — عبدالڪريم گدائي

خانگڙھ کان جيڪب آباد تائين — عبدالڪريم گدائي

جيڪب آباد تاريخي نظر ۾ — ڪالو خان اياز

ٽه ماهي مهراڻ جنوري کان مارچ ٨٧ — مرتب امداد حسيني

هفتيوار سنڌ سجاڳ جيڪب آباد ١٤ آگسٽ ٨٠ ايڊيٽر امداد ايڊو

١١ فيبروري ٨٢

هفتيوار محافظ سنڌ دادو ٢٩ جنوري ٩٧ — ايڊيٽر دادن خان پنهور

هفتيوار نواءِ سنڌ جيڪب آباد ٢٧ جنوري ٩٧ ايڊيٽر ممتازعلي مگريو

روزانه سارنگ جيڪب آباد ٢٨ جنوري ٨٢ ايڊيٽر مير هزار سرڪي

وندر ۽ وڻڪار ڪراچي سال ٨١ — مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق

ماهوار پيغام ڪراچي اپريل ٨٢ — ايڊيٽر ڪريم بخش خالد

تذڪره لطفي (جلد پهريون) سال ١٩٤٣ — لطف الله بدوي

سنڌي صحافت سال ١٩٥٥ — ڪريم بخش خالد

عملي صحافت — شيخ عزيز

جيڪب آباد قديم ۽ جديد — ايڊيٽر غلام نبي صابر سڌايو

ٻيون اخبارون: روزانه سنڌ نيوز — روزانه آفتاب — روزانه هلال پاڪستان — روزانه عبرت — روزانه اتحاد — هفتيوار صداقت ۽ هفتيوار المنار.

# اردو کتاب ءِ اخبارون

ابلاغ عام — مهدي حسن

فن صحافت — ڈاکٹر عبدالسلام خورشید

اداریہ نویسي — مسکین حجازي

صحافتي زبان — مسکین حجازي

فن ادارت — مسکین حجازي

ماهنامہ بلوچي دنیا ملتان آگست ۸۰ مارچ ۸۱ — ایڈیٹر: میر چاکر خان بلوچ

هفتیوار الفتح ۱۷ فیبروري ۷۸ — ایڈیٹر وهاب صدیقي

هفت روزه اخبار جهان — ایڈیٹر نثار احمد زبیري

هفتیوار ایلم مستونگ (براهوي) ۲۶ جولاء ۸۲ — ایڈیٹر نور محمد پروانو

